هفتيوار رسالو :350
WEEKLY BOOKLET:350

شيخ طريقت امير اهل سنت باني دعوت اسلامي حضرت
علامہ و مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي
دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَہ جي ملفوظات جو تحريري گلدستو

# امير اهلِ سُنت کان ڪوڙ جي باري ۾ 24 سوال جواب

SINDHI

معاشري مان ڪوڙ جي برائي ڪيئن ختم ٿي؟

ڇا صلح ڪرائڻ جي لاءِ ڪوڙ ڳالهائي سگهون ٿا؟

ڇا ڪوڙ ڳالهائڻ سان وضو ٽٽي پوندو آهي؟

ڪوڙ ۽ چغلي کان بچڻ جو طريقو؟

شيخ طريقت امير اهلسنت باني دعوت اسلامي حضرتِ علامہ مولانا ابو بلال
محمد الياس عطّار قادِري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَہ

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ وَ الصَّلٰوۃُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الۡمُرۡ سَلِیۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِا للّٰہِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي چڏيو اِنْ شَآءَاللہ جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰھُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!

(مستطرف ج 1 ص40 دار الفڪربيروت)



طالب غم مدينه بقيع و مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**

رسالي جو نالو: اميرِ اهل سنت کان ڪوڙ جي باري ۾ 24 سوال جواب

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينه عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه بابُ المدينه ڪراچي

مدني التجا: ڪنهن کي به هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت

**ڪتاب خريد ڪندڙ توجهه فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن ته مڪتبة المدينه سان رابطو فرمايو.

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامه

دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي

## اميرِ اهلسنّت کان ڪوڙ جي باري ۾ 24 سوال جواب

## پيشڪش

اسلامڪ ريسرچ سينٽر (دعوت اسلامي)

## ترجمو

ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

رابطي جي لاءِ:

ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.ne

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ ط
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# اميرِ اهلسنّت کان ڪوڙ جي باري ۾ 24 سوال جواب

دعاءِ خليفهءِ اميرِ اهلِ سنّت: ياربَّ المصطفيٰ! جيڪو به مڪمل رسالو ”**اميرِ اهلسنّت کان ڪوڙ جي باري ۾ 24 سوال جواب**“ پڙهي يا ٻڌي وٺي، اُن کي هميشه سچ ڳالهائڻ ۽ ڪوڙ کان بچڻ جي توفيق عطا فرماءِ ۽ اُن کي بي حساب بخشي ڇڏ.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صلى الله عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم

## دُرود شريف جي فضيلت

حضرت شيخ ابوبڪر شبلي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هڪ ڏينهن بغداد شريف جي وڏي عالم حضرت ابوبڪر بن مجاهد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه وٽ تشريف کڻي آيا ته انهن يڪدم اٿي کين سيني سان لڳايو ۽ پيشاني چمي ڪري نهايت تعظيم سان پاڻ وٽ ويهاريو، حاضرين عرض ڪيو: ياسيدي اوهان ۽ بغداد وارا ڪالهه تائين هن کي ديوانو چوندا رهيا پر هاڻي انهن جي ايتري قدر تعظيم چو؟ جواب ڏنائون: مون هي ايئن ئي ناهي ڪيو؟ الحمدللّٰه! اڄ رات مون خواب ۾ هيءُ ايمان افروز منظر ڏٺو ته ابوبڪر شبلي بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيا ته سرڪارِ دوعالم صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اٿي ڪري کين سيني سان لڳايو ۽ پيشاني چمي ڪري پنهنجي پرسان ويهاري ڇڏيو، مون عرض ڪيو: يارسول اللّٰه صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! شبلي تي ايتري قدر شفقت جي وجهه؟ اللّٰه پاڪ جي محبوب صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ

وَسَلَّم (غيب جي خبر ڏيندي) فرمايو تہ اهو هر نماز کان بعد هي آيت پڙهندو آهي.

﴿لَقَدْ جَآءَكُمْ رَسُوْلٌ مِّنْ اَنْفُسِكُمْ عَزِيْزٌ عَلَيْهِ مَا عَنِتُّمْ حَرِيْصٌ عَلَيْكُمْ بِالْمُؤْمِنِيْنَ رَءُوْفٌ رَّحِيْمٌ ﴿١٢٨﴾﴾ (پ11، التوبہ: 128) ۾ ان کان بعد مون تي درود شريف پڙهندو آهي.

(القول البد يع ،ص346)

صَلُّوْا عَلَي الْحَبِيب! صَلَّي الله عَلٰي مُحَمَّد

سوال: کنهن جي اوچتو انتقال تي سندس ويجهي رشتيدارن کي گهرائڻ جي لاءِ چيو ويندو آهي

تہ ”ڏاڏو بيمار آهي، مهرباني کري اوهان جلدي گهر اچو“ جڏهن تہ جنهن کي بيمار ٻڌايو ويندو آهي ان جو انتقال ٿي چڪو هوندو آهي هي ان کري چيو ويندو آهي تہ جيئن ويجهي عزيز کي صدمو نہ پهچي، ايئن کرڻ کيئن؟

جواب: هي سنئون سڌو کوڙ آهي لهٰذا ايئن چوڻ کان احتياط کرڻ گهرجي، ان جي جاءِ تي هيئن چيو وڃي تہ ايمرجنسي آهي اوهان جلدي گهر اچو. هاڻي ايمرجنسي ۾ سخت بيماري بہ اچي ويندي ۽ فوتگي بہ شامل ٿيندي. هي هڪ محتاط جملو آهي پر ماڻهو سمجهن ٿا ۽ هرويرو گناهن ۾ پيا ابتا سبتا جملا ڳالهائي ڇڏيندا آهن حالانڪ ان جو متبادل موجود هوندو آهي پر ان جي طرف کو توجهہ ئي ناهي کندو. الله پاڪ کان ڊڄڻ گهرجي. اَڄ کنهن ٻي جي موت جي خبر ڏئي رهيا آهيون سڀاڻي اسان جي موت جي خبر بہ عام ٿي

ويندي، مرڻو تہ سيني کي آهي کو موت کا نتو پڇي سگھي تنھنڪري هميشہ سچ ڳالھايو.

(ملفوظاتِ اميرِ اہلِ سنت،244/2)

سوال: اڄڪلھ ڏسون پيا تہ هر ڳالھ ۾ ماڻھو ڪوڙ ڳالھائي رهيا هوندا آهن ۽ ڪوڙ ڳالھائڻ کي معاشري ۾ تمام معمولي شيءِ سمجھيو وڃي ٿو بلڪ ڪجھ ماڻھو ڪوڙ ڳالھائڻ کي سنو سمجھن ٿا تہ ان سلسلي ۾ مھرباني ڪري اوهان اسان جي راهنمائي ڪيو تہ جيئن اسان جي سماج مان ڪوڙ جي برائي ختم ٿي وڃي.

جواب: واقعي معاشري ۾ ڪوڙ تمام گھڻو عام ٿي ويو آهي ۽ هر معاملي ۾ ڪوڙ ڳالھايو ويندو آهي، مثلاً ماڻھو واپار ۾ ڪوڙ ڳالھائيندا آهن، مُلازمت ۾ ڪوڙ ڳالھائيندا آهن، مُلازم رکڻو آهي تہ ڪوڙ ڳالھائيندا آهن، جيڪڏهن ڪنھن کي مُلازم ٿيڻو آهي تہ اهو بہ ڪوڙ ڳالھائيندو آهي، خريداري ڪرڻي آهي تہ ڪوڙ ڳالھائيندا ۽ مذاق ۾ بہ ڪوڙ ڳالھائيندا آهن ايئن وک وک تي ڪوڙ ڳالھايو پيو وڃي.  ڪي ڪوڙ اهڙا بہ هوندا آهن جن جي پاڻ کي خبر پئجي ويندي آهي تہ مان ڪوڙ ڳالھائي رهيو آهيان ۽ ڪڏهن ڪڏهن بلڪل توجھ ناهي هوندي ۽ بانھو ڪوڙ ڳالھائي رهيو هوندو آهي □ جيئن ڪنھن جي طبيعت تمام خراب آهي تہ هاڻ جيڪڏهن ڪو ان کان پڇندو تہ ڇا حال آهي؟ طبيعت ڪيئن آهي؟ تہ اهو چوندو: نيڪ آهيان. هاڻي جيڪڏهن ان جي توجھ پنھنجي مرض جي طرف بہ آهي تہ مان نيڪ ناهيان، بيمار پيو آهيان ۽ بخار ۾ ورتل آهيان ۽ پوءِ بہ هُو"نيڪ آهيان" چئي رهيو آهي، تہ هي ڪوڙ آهي. ايستائين جو جيڪڏهن اُن هن ذهن سان "اَلحَمدُلله" چيو تہ مان نيڪ آهيان جيئن

ماٺهو ”نيڪ آهيان“ جي معنيٰ ۾ به ”اَلحَمۡدُلِلّٰه“چوندا آهن ته هاڻي به اهو ڪوڙ آهي، جڏهن انسان بيمار ٿيندو آهي ته ماڻهو پڇندا آهن: ڇا حال آهي؟ هاڻ پڇڻ وارا به رسمي طور پڇي رهيا هوندا آهن نه ته جيڪڏهن مريض اهڙن جي سامهون پنهنجي بيماري جي فائل کولي ته هو ان کي برداشت ڪرڻ جي قابل نه هوندا. اهڙي موقعي تي مريض جي توجهه الله پاڪ جي نعمتن جي طرف هجي مثلاً مان مسلمان آهيان ته هاڻي هُو حال پڇيو وڃڻ تي پنهنجي مسلمان هجڻ جي تصور سان ”اَلحَمۡدُلِلّٰه“ چئي ته بچي سگهي ٿو نه ته ”نيڪ آهيان“ جي معنيٰ ۾ اَلحَمۡدُلِلّٰه چوندو ته هي ڪوڙ چورائيندو. □اهڙيءَ طرح واپاري پنهنجي مال جي تعريف ۾ خبر ناهي ڇا ڇا چئي رهيو هوندو آهي ۽ بعض اوقات ته مال وڪڻڻ جي لاءِ واضح ڪوڙ ڳالهائي رهيو هوندو آهي، مثلاً ايتري ۾ ته مون کي بچت نٿي ٿئي، ايتري ۾ ته مون کي به ناهي مليو، ايتري ۾ ته منهنجو خريديل به ناهي، پوءِ هو گراهڪ کي انهي خريديل ريٽ کان به گهٽ قيمت ۾ ڏئي ڇڏيندو آهي حالانڪ خريديل ريٽ ڪجهه ٻيو هوندو آهي پر هُو ان کي خريديل ريٽ چئي ڪري ڪوڙ ڳالهائي رهيو هوندو آهي. □ ايئن ئي جيڪڏهن ڪو دڪان تي پيسا کُليا ڪرائڻ آيو ته ڪوڙ ڳالهائيندا آهن ته مون وٽ کليا ناهن جڏهن ته کُليا پيسا موجود هوندا آهن. ان معاملي ۾ واپاري اهو به چئي سگهن ٿا ته اسان کي پاڻ انهن جي ضرورت پئي ٿي پر چوته هن طرح چوڻ سان سامهون وارو ضد ڪندو ته مون کي ڏيو، مون کي گهٽي ضرورت آهي انهيءَ ڪري ڪوڙ ڳالهائي جان ڇڏائيندا آهن. ياد رهي! ڪوڙ ڳالهائڻ جو عذاب برداشت نه ٿي سگهندو لهٰذا ڪوڙ نه ڳالهايو ۽ جيڪڏهن سامهون وارو بحث ڪري ته اوهان ان کي هن طرح سمجهائي سگهو ٿا ته

جيڪڏهن مان چوان ها تہ مون وٽ ڪليا پيسا نہ آهن تہ اوهان مون سان بحث نہ ڪيو ها پر مان ڪوڙ کان بچڻ جي لاءِ اوهان کي سچ ٻڌايو تہ کُليا آهن پر مون وٽ بہ گراهڪ ايندا آهن ۽ ٻَڌا پيسا ڏيندا آهن تہ کُلين جي مون کي بہ ضرورت پوندي آهي، انهيءَ ڪري مون رکيا آهن اوهان سچ ڳالهائڻ تي مون سان بحث ڪري رهيا آهيو. □ بهرحال ماڻهو ڳالهہ ڳالهہ تي ڪوڙ ڳالهائيندا آهن جيئن تہ ڪنهن هنڌ پهچڻ ۾ دير ٿي وئي تہ جڏهن پڇيو ويندو آهي دير ڪري ڇو آيا تہ ان جو بہ ڪو نہ ڪو بهانو ڳولهيندا آهن تہ فلاڻو رستي ۾ ملي ويو هو يا پيٽ ۾ سور ٿي پيو هو وغيره حالانڪ دير ٿيڻ جو سبب پيٽ ۾ سور هجڻ نہ هو ڇوتہ پيٽ ۾ سور جي هوندي قدم ڪيئن هلندا رهيا؟ بلڪ دير انهيءَ ڪري ٿي جو گهران نڪتا ئي دير سان هئا. بعض اوقات دير ٿيڻ تي اهو بہ چيو ويندو آهي تہ ٽريفڪ ۾ ڦاسي پيو هيس انهيءَ ڪري دير ٿي وئي حالانڪ اوهان جڏهن گهران نڪتا هئا ان وقت ئي ليٽ ٿي ويا هئا ۽ ٽريفڪ ۾ ڦاسي ڪري وڌيڪ دير ٿي ويا. ياد رکو! جنهن کي جلدي پهچڻو هوندو آهي اهو گهران جلدي نڪرندو آهي پر ديني ڪم ۾ خاص طور تي انسان ليٽ ٿي ئي ويندو آهي. جيڪڏهن ڪو اجتماع يا مذاڪري ۾ دير کان پهچندو آهي تہ اهو بہ ٽريفڪ ۾ ڦاسڻ جو بهانو ٻڌائيندو آهي تہ ايئن ڪڏهن ڪڏهن نيڪ ڪمن ۾ بہ انسان ڪوڙ ڳالهائي رهيو هوندو آهي، الله ڪريم اسان کي ڪوڙ کان بچائي ۽ سچي نبي صَلَّى الله عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جي پيروي ڪندي هميشہ سچ ڳالهائڻ جي سعادت بخشي.

اٰمين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّن صَلَّى الله عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم

(ملفوظاتِ اميرِ اہلِ سنت،3/60تا 62 )

سوال: ڪوڙ ٻالهائڻ جي حوالي سان ڪيترين ئي ڳالهيون اسان جي معاشري ۾ رائج آهن ۽ ماڻهن ۾ انهن جو ذڪر به ٿيندو آهي، ”مثلاً هتي ته ڪوڙ ڳالهائڻ جي اجازت آهي“ وغيره هن مان معلوم ٿي ٿو ته ڪوڙ هڪ تمام وسيع موضوع آهي، جهڙي طرح غيبت جي حوالي سان تمام گهڻيون وضاحتون بيان ڪيون ويون اهڙي طرح ڪوڙ جي متعلق به ڀرپور علم هجڻ ضروري آهي، جيئن اوهان فرمائيندا آهيو ته مان هن بابت فيصلو نٿو ڪري سگهان ته اسان وٽ ڪوڙ وڏيڪ آهي يا غيبت؟

جواب: ايئن لڳي ٿو ته ڪوڙ وڏيڪ آهي، ڪوڙ ڳالهائيندي خبر ئي نٿي پئي ته ڪوڙ ڳالهائي رهيا آهيون. هڪ ڀيرو اسان ڪنهن مريض کي ڏسڻ جي لاءِ وياسون ته اهو مريض آزمائش ۾ لڳي رهيو هو اسان ان سان همدردي ڪئي ته ساڻس گڏ موجود عزيز چيو ته هن کي ڪو مسئلو ناهي، هي صحيح آهي. ان جو هي جملو ڪوڙو هو، جيڪڏهن ان کي اها خبر نه هئي ته هن جي طبيعت ڪهڙي آهي ته اها الڳ ڳالهه آهي پر معلوم هجڻ جي باوجود چوڻ ته نيڪ آهي، هي ڪوڙ ٿيندو. اَجڪلهه مريض جي باري ۾ اهڙي طرح ڳالهايو ويندو آهي حالانڪ مريض سخت تڪليف ۾ هوندو آهي ته هن موقعي تي طبيعت نيڪ آهي چوڻ، ڪوڙ ٿيندو.

اهڙي طرح جيڪڏهن ڪو ماڻهو سخت ڳالهائڻ ڪان پوءِ چوي ته منهنجي ڳالهه اوهان کي بُري ته نه لڳي؟ سامهون وارو چوندو آهي: نه نه، ڪا ڳالهه بُري نه لڳي، حالانڪ ان کي اها ڳالهه تمام بري لڳي هوندي آهي انهي ڪري هو اندر ئي اندر ۾ سڙي رهيو هوندو آهي پر ڪوڙ ڳالهائيندو آهي ته ڪجهه ناهي ٿيو. ڪوڙ ۾ ڪافي ڳالهيون

اڇي وڃن ٿيون بس انسان کي پنهنجي زبان سنڀالڻ گهرجي، سوال ڪرڻ وارا ته سوال ڪندا پر انهن کي جواب ڏيڻ ۾ ڪوڙ شامل نه هجڻ گهرجي. اهڙي طرح ڪو پريشان هجي ۽ ٻيو ان کان پڇي ته ڇا ڳالهه آهي اوهان پريشان پيا لڳو؟ اهو انڪار ڪندي جواب ڏي ته ڪا پريشاني نه آهي ته هي ان ڪوڙ ڳالهايو. پريشاني ٻڌائڻ ۾ڪهڙو حرج آهي؟ (ملفوظاتِ اميرِ اہلِ سنت، 318/3)

**سوال:** ڪوڙ ڳالهائڻ ۽ بهانا ٻڻائڻ ۾ ڇا فرق آهي؟

**جواب:** ڪوڙ سچ جي ابتڙ آهي جڏهن ته بهانا ڪڏهن ڪڏهن صحيح به هوندا آهن ۽ ڪڏهن ڪڏهن غلط به هوندا آهن. (امير اهلِ سُنت دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي ويجهو ويٺل مُفتي صاحب فرمايو:) جيڪا ڳالهه واقعي جي خلاف هوندي ان کي ڪوڙ چيو ويندو جڏهن ته بهانن ۾ ٻئي ڳالهيون ٿي سگهن ٿيون. (ملفوظاتِ اميرِ اہلِ سنت،238/3)

**سوال:** ڪوڙي تعريف ڪرڻ ڪيئن ؟

**جواب:** جيڪڏهن ڪنهن ماڻهو جي خوشامد جي لاءِ تعريف ڪئي ته ”اڄ توهان تمام پيارا لڳي رهيا آهيو“ ته هي ڪوڙ ۽ گناهه ٿيندو. بهرحال! اسان کي مسلمان کان حُسنِ ظَن رکڻ گهرجي (الحديقة الندية، 174/3) ته اسان ان کي چڱا لڳي رهيا هونداسين تڏهن ته اهو ايئن چئي رهيو آهي.

(ملفوظاتِ اميرِ اہلِ سنت،307/3)

**سوال:** ڇا جنّ به ڪوڙ ڳالهائيندا آهن.؟

جواب: سيني کان پهريان ڪوڙ هڪ جنّ ئي ڳالهايو هو ۽ اهو جنّ ”ابليس“ آهي جنهن کي اسان شيطان چئون ٿا. شيطان دراصل جنّ آهي. ( پ15، الکہف:50- مرآۃ المناجیح، 661/6) ڪجهه ماڻهو هن کي فرشتو چوندا آهن جيڪو صحيح ناهي. ابليس جو اصل نالو”عَزازِيل“ آهي.

( تفسیر طبری، پ1، البقرۃ، تحت الآیۃ:1، 262/34، حدیث:686)(ملفوظات امیر اہلِ سنّت، 52/10)

سوال: ڇا ڪوڙ ڳالهائڻ سان وضو ٽٽي پوندو آهي؟

جواب: ڪوڙ ڳالهائڻ سان وضو ناهي ٽٽندو پر بهتر اهو آهي تہ ٻيهر وضو ڪيو وڃي. (بحر الرائق، 34/1)- (ملفوظاتِ امیرِ اہلِ سنت ، 2/ 101)

سوال: ڇا ٻارن کي سبق آموز ڪوڙيون ڪهاڻيون ٺاهي ڪري ٻڌائي سگهون ٿا؟

جواب: اهڙو ڪوڙ جنهن جي سيني کي خبر هجي ۽ جيڪو ٻڌي اهو سمجهي وڃي تہ هي ڪوڙ آهي، ان ۾ ڪو حرج ناهي. (احیاء العلوم، 419/2- احیاء العلوم مترجم، 120/2) جيئن ٻلي ٻاندر کي هيئن چيو وغيره، ظاهر آهي ٻڌڻ وارا سمجهن ٿا تہ هي ڪوڙ آهي، پوءِ ٻاندر ٻلي کي چيو بہ تہ ڪنهن سمجهيو.؟ پر هي ان وقت صحيح آهي جڏهن ڪا ضرورت هجي نہ تہ فضول ڳالهہ آهي. (ملفوظاتِ امیرِ اہلِ سنت،271/3)

سوال: ڪو شخص اڪثر ڪوڙ ڳالهائيندو هجي تہ ان جي سچي ڳالهہ بہ ڪوڙ لڳندي آهي، ڇا ان کي بدگُماني چيو ويندو؟

جواب: ڪثرت سان ڪوڙ ڳالهائڻ وارو شخص ڪڏهن سچي ڳالهه بہ ڪري ڇڏيندو آهي، پر هي فطري شيءِ آهي تہ اهڙي شخص جي سچي ڳالهه تي بہ يقين ناهي ايندو. بهرحال ان ڪي بدگماني نہ ڇيو ويندو.

( تفسیرقرطبی،پ26،الحجرات، تحت الآیۃ:8،238/12 ماخوذاً) (ملفوظات امیر اہل سنت، 29/8)

سوال: جيڪڏهن ڪو ماڻهو ڪنهن ڪي چئي تہ ”ماڻهن تو ڪي سلام چيا آهن“ حالانڪ سيني ماڻهن سلام ناهن چيا هوندا تہ ڇا هي ڪوڙ ٿيندو؟ [1]

جواب: جيڪڏهن سيني ان ڪي پنهنجو وڪيل بڻايو آهي تہ”اسان جا سلام پڄائجو“ تہ صحيح آهي، نہ تہ صحيح ناهي. ماڻهو عام طور مون ڪي چوندا آهن تہ ”اسان جي سيني گهر وارن يا ڳوٺ وارن اوهان ڪي سلام ڏنا آهن“ جيڪڏهن واقعي سيني وڪيل بڻايو هجي تہ حرج ناهي، نہ تہ پنهنجي طرفان هن طرح نہ چوڻ گهرجي.
(ملفوظات امیر اہل سنت، 202/8)

سوال: ڪجهہ ماڻهن هن جملي ڪي پنهنجي ڪلام جو حصو بڻائي ڇڏيو آهي: ”جيڪڏهن مان ڪوڙ ڳالهايان تہ مرندي وقت مون ڪي ڪلمو نصيب نہ ٿي“ ايئن چوڻ ڪيئن؟

جواب: اهو جملو نهايت خطرناڪ آهي ۽ وڏي جرئت آهي. ايمان جي ڄڻ تہ ڪا اهميت ئي ناهي جو ڪوڙ ڳالهايان تہ ايمان تي خاتمو ئي نہ

[1] هي سوال شعبہ ملفوظات امير اهل سنت طرفان ڪيل آهي جڏهن تہ جواب امير اهل سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَہْ جو ڏنل آهي.

تي. اهڙي ڳالهه تہ ڪڏهن خواب ۾ بہ نہ چوڻ گهرجي. هن حڪم ۾ تفصيل آهي، اهڙو جملو نہ ڳالهايو وڃي. (ملفوظاتِ اميرِ اہلِ سنت،214/3)

سوال: جيڪڏهن ڪنهن ماڻهو تي دفعا ڪوڙي ڳالهه تي قرآن ڪنيو تہ ان جو ڇا گناهہ آهي؟

جواب: قرآنِ ڪريم جو قسم ڪڻڻ قسم آهي البت صرف قرآنِ ڪريم ڪڻڻ يا اُن تي هٿ رکي ڪري ڪا ڳالهه ڪرڻ قسم ناهي فتاويٰ رضويہ جلد 13 صفحي 574 تي آهي: ڪوڙي ڳالهه تي قرآنِ مجيد جو قسم ڪڻڻ تمام وڏو گناهہ آهي ۽ سچي ڳالهه تي قرآنِ عظيم جو قسم ڪڻڻ ۾ حرج ناهي ۽ ضرورت هجي تہ ڪڻي بہ سگهي ٿو پر هي قسم کي تمام سخت ڪري ٿو. ڪنهن خاص ضرورت کان علاوه قسم نہ ڪڻڻ گهرجي. (ملفوظاتِ اميرِ اہلِ سنت،494/1)

سوال: مذاق ۾ ڪوڙ ڳالهائڻ ڪيئن؟

جواب: مذاق ۾ ڪوڙ ڳالهائڻ جي متعلق ڪجهہ روايتون ملاحظہ فرمايو: □ سرڪار عالي وقار صَلَّى الله عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: پانهو اُن وقت تائين ڪامل مومن نٿو ٿي سگهي جيستائين مذاق ۾ بہ ڪوڙ کي نٿو ڇڏي ڏي ۽ جهڳڙو ڪرڻ نہ ڇڏي ڏي جيتوڻيڪ سچو هجي. (مسند احمد، 268/3، حديث: 8638) □ نبي ڪريم صَلَّى الله عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: جيڪو ڳالهه ڪندو آهي ۽ ماڻهن کي کلائڻ جي لاءِ ڪوڙ ڳالهائيندو آهي ان جي لاءِ هلاڪت آهي، ان جي لاءِ هلاڪت آهي يعني بربادي ۽ تباهي آهي. (ترمذی، 141/4، حديث: 2322)
□ پياري آقا صَلَّى الله عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: انسان ڳالهه ڪندو

آهي ۽ صرف انهيءَ ڪري ڪندو آهي تہ ماڻهن کي کِلائي پر اهو انڪري جهنم جي ايتري گهرائي ۾ وڃي ڪرندو آهي جيڪا آسمان ۽ زمين جي درمياني فاصلي کان بہ وڌيڪ آهي ۽ زبان کان جيتري غلطي ٿيندي آهي هي اُن غلطي کان وڌيڪ آهي جيڪا قدم ذريعي ٿيندي آهي.

(ڪتاب الزہد لابن المبارک، 255، حديث: 734) (ملفوظاتِ اميرِ اہلِ سنت، 289/3)

سوال: ڪنهن کي کِلائڻ جي لاءِ مذاق ۾ ڪوڙ، غيبت يا تهمت جو سهارو وٺي سگهون ٿا؟

جواب: جي نہ! ايئن ڪرڻ گناه آهي. اَڄڪلھ ڪيترائي ڪوڙا مذاق هلي رهيا آهن هي سيئي گناه آهن. جيئن مسخرا، ماڻهن کي کلائيندا آهن يا ڪتابن ۽ اخبارن ۾ ايئن ئي فضول مذاق لکيل هوندا آهن جن جو مقصد صرف سامهون واري کي کلائڻ هوندو آهي، هي نہ هجڻ گهرجي. روايت ۾ آهي: جيڪو ماڻهن کي کِلائڻ جي لاءِ ڪوڙي ڳالھ ڪندو آهي تہ اهو جهنم جي گهرائي ۾ وڃي ڪِرندو آهي. (ڪتاب الزہد ء لابن المبارک، ص 255، حديث: 734) البت ڪجھ مذاق اهڙا بہ هوندا آهن جن سان مقصد کلائڻ ناهي هوندو بلڪ عبرت يا سبق آموز ڳالھ سمجهائڻ هوندو آهي ۽ ٻڌائڻ واري جي نيت بہ اها ئي هوندي آهي تنهنڪري جائز ٿي سگهي ٿو.

(ملفوظاتِ اميرِ اہلِ سنت،446/3)

سوال: ٻا دوستن جي وچ ۾ صُلَح ڪرائڻ جي لاءِ ڪوڙ ڳالهائي سگهون ٿا؟

جواب: لفظ صلح جي لام تي پيش ناهي بلڪ هي ساڪن آهي يعني

صُلَح. ڪوڙ ڳالهائڻ جي صورت تہ موجود آهي پر جيستائين بغير ڪوڙ ڳالهائي صلح ممڪن هجي تہ ڪوڙ نہ ڳالهايو وڃي، هر صورت ۾ ڪوڙ ڳالهائڻ جي اجازت ناهي. جيڪڏهن سيئي رستا بند ٿي ويا ۽ سچ ڳالهائيندا تہ صُلَح نہ ٿيندي تہ هاڻ ڪوڙ ڳالهائڻ جي گنجائش نڪرندي پر هاڻي بہ جيڪڏهن توريا جي ذريعي ڪم ٿي سگهي ٿو(توريا جو مطلب آهي لفظ جو بي ڪا پري جي معنٰي مراد ورتي وڃي) تہ انهي سان ڪم هلائي واضح ڪوڙ نہ ڳالهائي. ( بهارِ شريعت ، 3/ 517، 518، حصہ:16 مفهوماً) هي سيئي احتياط اهو ئي ڪري سگهندو جنهن کي علم هوندو.

(ملفوظاتِ اميرِ اہلِ سنت،317/3)

سوال: اسان پاڻ ۾ ڳالهائيندي ڪوڙ سچ جو خيال ناهيون رکندا، اهڙي نصيحت فرمايو تہ ڪوڙ کان نفرت ٿي وڃي ۽ اسان ڪڏهن بہ ڪوڙ نہ ڳالهايون.

جواب: ڪوڙ واقعي ئي تمام بُري شيءِ آهي. ڪوڙ حرام ۽ جهنم ۾ وٺي ويندڙ ڪم آهي. هر مُسلمان کي هن کان بچڻ گهرجي ۽ هميشہ سچ ڳالهائڻ گهرجي. چون ٿا: ”سچ ڳالهائڻ واري کي ڪو نقصان ناهي.“ اُمُّ المومنين حضرت بي بي عائشہ صديقہ رَضِیَ اللہ عَنْہُ فرمائن ٿيون: رسول اڪرم صَلَّی اللہ عَلَيْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم کي ڪوڙ کان وڌيڪ ڪا ناپسند شيءِ نہ هئي، جڏهن پاڻ صَلَّی اللہ عَلَيْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم ڪنهن جي ڪوڙ تي آگاهہ ٿيندا هئا، جيتوڻيڪ اهو ڪوڙ ننيو هوندو هو تہ اُن ڪوڙ ڳالهائڻ واري کي قلبِ اطهر (يعني مبارڪ دل) مان ڪڍي ڇڏيندا هئا، ايستائين جو حضور صَلَّی اللہ عَلَيْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم ڄاڻي وٺندا هئا تہ اُن توبہ ڪري ورتي آهي.

(مستدرک،133/5، حديث: 7126) سرڪار نامدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جڏهن ٻانهو ڪوڙ ڳالهائيندو آهي تہ اُن جي بدبوء کان ملائڪ هڪ ميل پري ٿي ويندو آهي.(ترمذی، 392/3، حديث: 1979) ڪوڙ کان بچڻ جي لاءِ ڪوڙ ڳالهائڻ جي عذابن ۽ سچ ڳالهائڻ جي فضائل جي معلومات حاصل ڪيو ۽ ان جي لاءِ بهارِ شريعت جي سُورهين حصّي ۾ موجود ”ڪوڙ جو بيان“، پڻ احياءُالعلوم جي ٽئين جلد جو مطالعو ڪيو، هن ۾ ڪوڙ جي متعلق ڪافي تفصيل موجود آهي، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! ڪوڙ کان نفرت پيدا ٿيندي. اللّٰہ ڪريم اسان سيني کي سچي نبيصَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صدقي سچو ٻانهو بڻائي.

(ملفوظاتِ اميرِ اہلِ سنت،305/3)

سوال: اسان بازار ۾ دڪانداري ڪندا آهيون جتي ڪوڙ جي تمام گهڻي مداخلت ٿئي ٿي، ان کان بچڻ جو ڪو طريقو ارشاد فرمايو.

جواب: جڏهن روزا رکندا آهيون تہ بُک ۽ اُڃ لڳندي آهي پر پوءِ بہ روزو رکندا آهيون ۽ تراويح پڙهڻ جو پختو ارادو هوندو آهي تہ تراويح پڙهڻ ۾ بہ ڪامياب ٿي ويندا آهيون تہ اهڙي طرح ڪوڙ کان بچڻ جو مضبوط ارادو ڪيو تہ هن کان بچي وينداَ. ڪوڙ ڳالهائڻ ڇڏي ڏيو چاهي سچ ڳالهائڻ سان ڪروڙين روپين جو نقصان ٿي رهيو هجي يا سودو خراب ٿي رهيو هجي تہ ٿيڻ ڏيو، ڪهڙي خبر ڪروڙين روپين جو سودو طئي ٿيندي ئي هارٽ فيل ٿي وڃي، زندگي جو ڪو ڀروسو ناهي. جيڪڏهن هارٽ فيل نہ بہ ٿئي تہ هي ڪروڙين روپيہ ڪيستائين ڪائيندا؟ اهڙا پيسا دوائن ۾ بہ هليا ويندا آهن، ڏاڙيلن وٽ ۽ نہ ڄاڻ ڪٿي ڪٿي خرچ ٿي ويندا آهن. بهرحال ڪوڙ ۾ برڪت ناهي بلڪ نحوست ۽ بربادي آهي ۽ ڪوڙ ڳالهائڻ

جھنم ۾ وني ويندڙ ڪم آھي، انھيءَ ڪري ڪوڙ کي پنھنجي ڏڪشنري مان ڪڍي ڇڏيو. ياد رکو! سچ ڳالھائڻ وارو ھميشہ ڪامياب ٿيندو آھي، ھڪ محاورو آھي: ”سچ ڳالھائڻ واري کي ڪو نقصان ناھي“. گراھڪ وڃي ٿو وڃڻ ڏيو ڪا ڳالھ ناھي، سچ ڳالھائيندو رھڻ سان آھستہ آھستہ وقار قائم رھندو. ايستائين جو ھڪ وقت اھڙو ايندو جو ماڻھو چوندا تہ يار ھي دڪاندار سچو آھي ۽ ازخود اوھان جي دڪان تي گراھڪ اچڻ شروع ٿي ويندا، پوءِ اوھان جيڪو چوندا گراھڪ اکيون بند ڪري قبول ڪندا. حضرت عبدالله بن عمر رَضِیَ اللّٰہ عَنْھُمَا کان روايت آھي تہ رسول الله صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو تہ سچ ڳالھائڻ وارو ۽ امانت دار واپاري نبين، صديقن ۽ شھيدن سان ھوندو.

(ابن ماجہ، 6/3، حديث:2139)( ملفوظات امير اھل سنّت، 298/8)

سوال: منھنجو فرنيچر جو ڪم آھي. ڪجھ دڪاندار ايئن ڪندا آھن جو ھلڪي مال کي ڳرو ۽ ڳري مال کي ھلڪو چئي ڪري وڪڻي ڇڏيندا آھن. ايئن ڪرڻ ڪيئن؟

جواب: ڪي شيون وزن واريون ھونديون آھن تہ انھن جي قيمت بہ چڱي لڳندي آھي، جڏھن تہ ڪي شيون ھلڪيون ھونديون پوءِ بہ انھن جي قيمت چڱي لڳائي ويندي آھي. جيڪڏھن ڪو شخص ڪنھن شيءِ کي ھلڪي يا ڳري چئي وڪڻي رھيو آھي ۽ گراھڪ کي معلوم آھي تہ ڪنھن شيءِ ۾ ھلڪو يا وزني چئي رھيو آھي، پڻ ڪا دوکي جي صورت ناھي ۽ دڪاندار ڪوڙ بہ ناھي ڳالھائي رھيو تہ ايئن ڪرڻ صحيح آھي. البت جيڪڏھن اھو ھلڪي شي کي ڳري يا ڳري شيء کي ھلڪي چئي رھيو آھي، يا خراب Quality

(يعني معيار) جي شيءِ کي سني Quality چئي ڪري وڪڻي رهيو آهي ۽ ڪوڙ ۽ دوکي سان ڪم وٺي رهيو آهي تہ ايئن ڪرڻ جائز ناهي. ( در مختار، 229/7) چوتہ جڏهن گراهڪ کي خبر پوندي تہ مون کان دڪاندار ڪوڙ ڳالهايو آهي، دوکو ڏنو آهي يا شيءِ جي عيب کي لڪايو آهي تہ اها شيءِ ئي نہ وٺندو، يا جيڪڏهن وٺندو تہ سهي پر قيمت گهٽ لڳائيندو. جيڪو دڪاندار ڪوڙ يا خيانت سان ڪم وٺندو اهو گنهگار ٿيندو.

(ملفوظات امير اہل سنّت، 242/9، 243)

سوال: اڄڪلھ بازار ۾ ڪوبہ ماڻهو ڪنهن بہ قسم جي فريب کان بچي نٿو سگهي. ايستائين جو پراڻن Spare Parts (پُرزن) کي نئون ۽ لوڪل کي Genuine Parts(يعني اصل پُرزا) چئي ڪري وڪڻيو ويندو آهي، ايئن ڪرڻ ڪيئن آهي؟

جواب: جيڪڏهن پراڻن Spare Parts کي نئون، لوڪل کي اعليٰ ۽ ٻي ملڪ جي Spare Parts کي هن ملڪ جو چئي ڪري وڪڻيو تہ هي سيئي دوکو ۽ ڪوڙ آهي ۽ ايئن ڪرڻ حرام ۽ جهنم ۾ وٺي ويندڙ ڪم آهي. البتہ جيڪڏهن وڪڻڻ واري خريدڻ واري تي هي ڳالھ واضح ڪري ڇڏي هجي تہ مون وٽ نئون نہ پراڻو Spare Parts آهي جنهن کي ماڻهو نئون ڪري وڪڻندا آهن ۽ ايئن گراهڪ کي Spare Parts جي Condition (يعني حالت) ٻڌائي تہ هاڻي خريد و فروخت ۾ ڪو گناھ ناهي.

(ملفوظاتِ اميرِ اہلِ سنت، 505/1)

سوال: بزرگانِ دين رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡهِم جي تحرير جي معاملي ۾ ڪهڙا احتياط هئا، هن باري ۾ ڪجھ ارشاد فرمايو؟

جواب: اسان جا بزرگانِ دين رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡهِم لفظن جي استعمال ۾ ڏاڍا محتاط هوندا هئا جيئن تہ اِحياءُ العلوم جي ٽئين جلد ۾ آهي: حضرت ميمون بن ابوشبيب رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: مان خط لکي رهيو هيس تہ هڪ حرف تي اچي بيهي رهيس تہ جيڪڏهن هي لفظ لکندس تہ خط جي خوبصورتي ۾ اضافو ٿي ويندو پر ڪوڙ کان بچي نہ سگهندس. پوءِ مون اهو لفظ ڇڏڻ جو عزم ڪري ورتو تہ پلي منهنجو خط خوبصورت نہ ٿي پر مان هي لفظ نہ لکندس. تہ مون کي گهر جي ڪنڊ مان هڪ آواز آيو جنهن ۾ قرآنِ ڪريم جي هي آيت هئي:

﴿يُثَبِّتُ اللّٰهُ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا بِالْقَوْلِ الثَّابِتِ فِى الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا وَ فِى الْاٰخِرَةِ﴾

ترجموڪنزالعرفان: الله ايمان وارن کي حق ڳالهہ تي دنيا جي زندگي ۾ ۽ آخرت ۾ ثابت رکندو آهي. (پ 13، ابراہیم: 27) (احياء العلوم، 3/ 169)

هي تہ اسان جي بزرگانِ دين رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡهِم جي تحرير ۾ احتياط هئا پر اڄڪلهہ جي مضمونن ۽ آرٽيڪلن ۾ ايترو تہ ڪوڙ هوندو آهي جو زمين ۽ آسمان کي ملايو ويندو آهي. (يعني ڪوڙيون سچيون ڳالهيون لکيون ويندليون آهن) اهڙو ڪوڙ لکڻ کان بهتر آهي قلم رکي ڇڏيو.

گذريل زماني ۾ مُعتَزِلہ نالي هڪ بدمذهب فرقو گذريو آهي، انهن جو جاحظ نالي هڪ وڏو عالم هو، جڏهن هو مئو تہ ڪنهن ان کي خواب ۾ ڏسي ڪري پڇيو تہ توکان ڪهڙو معاملو ٿيو؟ تہ ان چيو تہ پنهنجي قلم سان اهو ئي لکو جنهن کي ڏسي ڪري توهان خوش ٿي وڃو. (احياء العلوم، 5/ 266-احياء العلوم مترجم، 662/5) هاڻوڪي دور ۾

قلم سان چاچا لکي رهيا هوندا آهن ڪجهه هوش ئي ناهي هوندو، پڻ هن واقعي مان سوشل ميڊيا ۽ تحريري ميسيج ڦهلائڻ وارا عبرت حاصل ڪن ته پنهنجي زبان سان اهو ئي چون جيڪو آخرت ۾ ڇڏائي سگهي، هڪ هڪ لفظ سوچي سمجهي لکو ۽ ڳالهايو پر هتي ته ايترو مبالغو ڪري رهيا هوندا آهن جو توبه توبه.

## حمد، نعت ۽ منقبت لکڻ ۾ احتياط

نعت شريف، نظم يا اشعار لکڻ ۾ وڏيڪ احتياط جي حاجت آهي جو انسان اُن ۾ ڦاسي ويندو آهي چوته اُن کي رديف يا قافيو ادا ڪرڻو هوندو آهي ۽ پنهنجي مصرع جو وزن برابر رکڻ جي لاءِ الفاظ ڳولهڻا پوندا آهن جنهن جي ڪري سخت آزمائش ٿيندي آهي لهٰذا سلامتي انهي ۾ آهي ته حمد ۽ نعت وغيره لکڻ جي ڪوشش نه ڪئي وڃي. هن ميدان ۾ وڏا وڏا شاعر جن ۾ نعت خوان شاعر به شامل آهن جيڪي شرعي غلطيون ڇڏي ڪري دنيا مان رخصت ٿيا آهن جو الأمان والحفيظ. لکڻ وارن انهن جون مثالون به لکيون آهن ته فلاڻو ايترو وڏو شاعر هو، ايترا ڪلام لکيائين، نعتون به چيون پر هي هي غلط ڳالهه لکي ويو. لکڻ وارو مضبوط عالم هجي ۽ ان سان گڏوگڏ شاعري جو فنّ به ڄاڻيندو هجي، جيڪڏهن اهڙو ناهي ته ڪلام نه لکي.

(ملفوظاتِ اميرِ اہلِ سنت،32/3)

سوال: اوهان هڪ مدني مذاڪري ۾ فرمايو هو ته مان روڊ پار ڪري ڪڪري گرائونڊ ۾ کيڏڻ نه ويندو هيس چوته منهنجي والده منع ڪيو هو، ڪجهه ڏينهن پهريان اوهان جي هڪ دوست سان منهنجي ملاقات ٿي ته انهن هڪ واقعو ٻڌايو ته اسان هڪ گهٽي ۾ کيڏڻ

ويندا هئاسين تہ مون الياس قادري کي چيو تہ ”هلو الياس! ڪڪري گراؤنڊ ۾ ڪيڏڻ هلون ٿا“ پاڻ فرمايائون:: ”منهنجي والده مون کي منع ڪيو آهي“ ان چيو: ماءُ گهر ۾ آهي ان کي ڪهڙي خبر پوندي“ تہ سندن فرمايائون تہ ”نہ ڪوڙ ناهي ڳالهائٽو“ پيارا مرشِد ڪريم! منهنجي اوهان کان درخواست آهي تہ هي واقعو ٻارن کي ٻڌايو تہ جيئن اهي جتي بہ وڃن والدين کي ٻڌائي وڃن ۽ ڪوڙ نہ ڳالهائين.

جواب: ڪڪري گراؤنڊ ۽ اسان جي گهر جي درميان هڪ وڏو روڊ واقع هو، ۽ ان روڊ تي گاڏيون تيز رفتار سان هلنديون هيون انهي ڪري منهنجي والده مون کي ان گراؤنڊ ۾ ڪيڏڻ جي لاءِ وڃڻ کان منع ڪندي هئي تہ جيئن مون کي ڪنهن قسم جي ڪا تڪليف نہ پهچي يقيناً هي ان جي مون سان محبت هئي. پڻ مان پنهنجي والده سان ڪوڙ نہ ڳالهائيندو هيس ڇوتہ اَلحَمۡدُلله! مون کي ننڍپڻ ئي ۾ الله پاڪ کان خوف ٿيندو هو. (ملفوظات امير اہل سنت، 67/8)

سوال: ڪوڙ ۽ چغلي کان بچڻ جو طريقو ڪهڙو آهي؟

جواب: انسان ڪوڙ ۽ چغلي کان اُن وقت بچي سگهندو جڏهن اُن کي ڪوڙ ۽ چغلي جي تباه ڪارين جو علم هوندو ۽ هي علم ديني ڪتابن جو مطالعو ڪرڻ سان حاصل ٿيندو. ڪوڙ کان بچڻ جي ڪوشش جاري رکو ۽ ان سان گڏوگڏ الله پاڪ کان دعا بہ ڪندا رهو، الله پاڪ جي رحمت مان اُميد آهي تہ ڪوڙ ۽ چغلي کان ڇوٽڪارو نصيب ٿي ويندو. جيڪڏهن ڪو شخص هي چوي ٿو تہ مان آهستہ آهستہ انهن کي ڇڏي ڏيندس تہ هي خيال ذهن مان ڪڍي ڪري فوراً انهن گناهن کان جلد توبہ ڪرڻ گهرجي. ها جيڪڏهن ڪو وڏيڪ

چانهن پيئندو آهي ۽ ان جي لاءِ چانهن نقصانڪار بہ آهي اهو چئي تہ مان آهستہ آهستہ چانهن ڇڏي ڏيندس تہ هي ڳالهہ سمجهہ ۾ بہ اچي ٿي، جڏهن تہ گناهن جي معاملي ۾ آهستہ جو معاملو ترڪ ڪرڻ گهرجي. اهڙي طرح جيڪڏهن ڪو شراب پيئندو آهي ان کي بہ گهرجي تہ فوراً ڇڏي ڏي ڇوتہ ان جو پيئڻ حرام ۽ گناهہ آهي. ڪنهن گناهہ کي آهستہ آهستہ ڇڏڻ جي اجازت ڪوبہ عالمِ دين نہ ڏيندو. وڌيڪ معلومات حاصل ڪرڻ جي لاءِ مڪتبةالمدينہ جي ڪتاب **”غيبت جون تباهہ ڪاريون“** خريد ڪري مطالعو ڪيو. هن ڪتاب کي پڙهڻ سان اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! علم ۾ اضافو ٿيندو. ياد رکو علم هڪ نُور آهي ۽ گناهہ انڌيرو آهي، جتي علم جو نور اچي ويندو آهي تہ اتي گناهن جو انڌيرو باقي ناهي رهندو. (ملفوظات امير اهل سنّت، 8/279، 280)

**سوال:** ڪوڙ جون تباهہ ڪاريون ڪتاب ڪڏهن ايندو؟

**جواب:** زندگي وفا ڪئي تہ ڪوڙ جون تباهہ ڪاريون ڪتاب لکڻ جو ارادو آهي ڇوتہ مان ان جي تمام گهڻي ضرورت محسوس ڪيان ٿو. پهريان خيال ايندو هو تہ معاشري ۾ غيبت وڌيڪ آهي پر هاڻي مان سمجهان ٿو تہ ڪوڙ غيبت کان وڌيڪ آهي. ڳالهہ ڳالهہ تي ڪوڙ ڳالهائڻ عام ٿي ويو آهي. ذميدارن يا مبلغن جي ڳالهہ ڪئي وڃي يا عوام ۽ خواص جي، خبر بہ ناهي پوندي ۽ زبان مان ڪوڙ نڪري رهيو هوندو آهي، هاڻي مون جهڙو ڪو حساس ماڻهو هوندو تہ اهو بعض اوقات ڄاڻي ٻُجهي وٺندو آهي تہ هن غريب کي خبر بہ ناهي تہ هي ڪوڙ آهي پر ڪوڙ دفعا چوڻ جي همت ناهي هوندي. ڪتاب ۾ مثالون ڏئي ڪري سمجهائڻ جو ذهن آهي. ڪڏهن ياد ايندو آهي تہ


ڪيتريون ئي مثالون پاڻ وٽ لکي ونندو آهيان تہ جيئن اللّٰه پاڪ جي توفيق سان جڏهن ڪتاب ايندو تہ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! ان ۾ شامل ڪري ڇڏيندس. بس رب پاڪ قبول ڪري ۽ اخلاص بہ عطا فرمائي.
(ملفوظاتِ اميرِ اہلِ سنت،107/2)

سوال: ڇا ڪوڙي ماڻهو جي ڪا نشاني آهي؟ تہ جيئن ان ڪان بچي سگهجي.

جواب: نشاني تہ ڪڏهن ڪڏهن غير مسلم جي بہ خبر ناهي پوندي."هڪ دفعي مان ڪنهن ملڪ ۾ هيس ۽ اسان جي گاڏي سگنل تي رڪيل هئي، ايتري ۾ چانهہ جي هوٽل تان هڪ نوجوان ڊڪندو آيو ۽ وڏي پرجوش انداز سان "السلام عليڪم" چيائين. مون کي ڪنهن ٻڌايو تہ هي غير مسلم آهي. اڄڪلهہ تہ ڪنهن جو مسلمان هجڻ بہ معلوم نٿو ٿي، ڇوتہ مسلمان بہ غير مسلمانن جهڙو لباس پائيندا ۽ انهن جهڙا وار رکندا آهن. مسلمانن جي تهذيب ۽ تَمَدُّن بہ غير مسلمن جهڙو ٿي ويو آهي. خدا جي پناهہ! رهي ڳالهہ ڪوڙي شخص جي نشاني جي، تہ جڏهن اهو ڪوڙ ڳالهائيندو تڏهن ئي خبر پئجي سگهندي تہ هُو ڪوڙو آهي. اُن ڪان علاوه هي ڳالهہ ڪيئن معلوم ٿي سگهي ٿي! ڇوتہ هي ڳجهارت ناهي جو ان کي حل ڪري سگهجي. حديث پاڪ ۾ مُنافق جون هي نشانيون بيان ڪيون ويون آهي تہ "اهو ڳالهہ ڪندو آهي تہ ڪوڙ ڳالهائيندو آهي، وعدو ڪندو آهي تہ وعده خلافي ڪندو آهي ۽ ان وٽ اَمانت رکرائي وڃي تہ خيانت ڪندو آهي.

( بخاری،25/1، حديث:34)
(ملفوظاتِ اميرِ اہلِ سنت ،243/1)

## ايندڙ هفتي جو رسالو





978-969-722-639-9
01082482



فیضانِ مدینہ محلہ سوداگران، پرانی سبزی منڈی کراچی
UAN +92 21 111 25 26 92 0313-1139278
www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net
feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net